
# فَیضانِ

# خاتونِ جَنَّت رَضِیَ اللہُ عَنْہَا

**15-April-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

15 اپريل 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فيضانِ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ عَنْہَا

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ..........

- ❖... گرمي جي روزن جي فضيلت ۽ فائدا
- ❖...سيده فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو مختصر تعارف
- ❖...سيده فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جون فضيلتون
- ❖...سيده فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو فقر ۽ خيرخواهي

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ دعوتِ اسلامي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناھ گاھ آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان کان بہ حفاظت ٿيندي، گُناهن کان بہ محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري ونو! ان جا ٻہ 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندو، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره شرعًا جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اهي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن مون تي هڪ ڀيري درود پڙهيو، الله پاڪ ان تي 10 رحمتون نازِل فرمائي ٿو، 10 گناهہ مٽائي ٿو ۽ 10 درجات بلند فرمائي ٿو.**[1]

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد**

---

[1]...نسائی، کتابُ السَّہْو، صفحہ:222، حدیث:1294۔

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ’اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت افضل ترين عمل آهي.

(بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، باب:کیف کان بدء الوحی...الخ، صفحہ:65، حدیث:1)

**اي عاشقانِ رسول!** چڱي نيت جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هر نيڪ ۽ جائِز ڪم کان پهريان سُٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجهه سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته **اِنْ شَآءَ الله** چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلْمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وجي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلمِ دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه! رمضان المبارڪ جي بابرڪت، پُر نور، پُر بهار گهڙيون آهن، رَحمتن جي ڇماڇم برسات آهي، هر گهڙي برڪت ڀري آهي، خوش نصيب آهن اهي جيڪي ظاهري ۽ باطني آداب سان روزا رکن، خوش دِلي سان 20 رڪعتون تراويح پڙهن، سحر وافطار جون برڪتون ماڻي رَمضان المبارڪ جون بهارون حاصِل ڪري رهيا آهن ۽ انتهائي محروم ۽ بدقسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي انهن مُبارَڪ گهڙين ۾ به نيڪين کان محروم آهن، روزا نٿا رکن، تراويح نٿا پڙهن يا پڙهن ته ٿا پر پوريون نٿا پڙهن، بخشش ۽ مغفرت ۽ رحمت جي هن عظيمُ الشّان مهيني ۾ به الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا وارا ڪم ڪرڻ کان پري آهن. ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهه ڪون ومڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: منهنجي اُمّت ذليل ۽ رُسوا نه ٿيندي جيستائين هو رمضان جو حق ادا ڪندي رهندي. عرض ڪيو ويو: يا

رسول **الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ خوار ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايائون: هن مهيني ۾ حرام ڪمن جو ڪرڻ، پوءِ فرمايائون، جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪيو يا شراب پيتو ته ايندڙ رمضان تائين الله پاڪ ۽ جيترا آسماني ملائڪ آهن سيئي ان تي لعنت ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن اهو شخص ايندڙ رمضان کان پهريان ئي مري ويو ته ان وٽ ڪا اهڙي نيڪي نه هوندي جيڪا ڪيس جهنّم جي باهه کان بچائي سگهي. سو توهان رمضان جي معاملي ۾ ڊڄو ڇو ته جهڙيءَ طرح هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌايون وينديون آهن تهڙيءَ طرح گناهن جو به مُعاملو آهي.

(معجم صغير، جلد:9، صفحه:60، حديث:1488)

الله پاڪ اسان سڀني کي رمضان سٺي طرح سان، رضاءِ الٰهي وارا ڪم ڪندي، هر گهڙي جي قدر ڪندي، نيڪين ۾، عبادتن ۾، ذِڪر ۽ فِڪر ۾، قبر کي ياد ڪندي، مديني جون يادون دِل ۾ سمائيندي، حُسْنِ اَخْلاق جو مُظَاهرو ڪندي، والدين جو ادب ڪندي، عزيز رشتيدارن سان ڀلائي ڪندي، پاڙيسرين جا حقن ادا ڪندي، غريبن جي مدد ڪندي گذارڻ ۽ فيضانِ رمضان مان خوب جهوليون ڀرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

گناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دم بدم مولیٰ!
میں توبہ پر نہیں رِہ پا رہا ثابِت قدم مولیٰ!
میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائِل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!

(وسائلِ بخشش، صفحه:98)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! 3 رمضان المبارڪ تي الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري نياڻي، سيده ڪائنات، خاتونِ جَنّت، حضرت سيده فاطمة الزهراء، طيبہ، طاهره، عابده، زاهده رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جو عُرسِ مبارڪ آهي، تنهنڪري اڄ اسان سيده خاتونِ جنّت رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جي سيرتِ پاڪ جا ڪجھ روشن پهلو ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين. اچو! پهريان هڪ ايمان افروز حِڪايت ٻڌون ٿا.

## ملائڪ جَنڊ هلائڻ لاءِ حاضِر ٿيا

حضرت اُمِّ اَيمن رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا صحابيہ آهن، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا رسولِ ڪريم جي والدِ گرامي حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنۡه جون ٻانهيون هيون، پوءِ سندن وصَال کان پوءِ وراثت طور نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ آيون، پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ننڍپڻ ۾ حضرت اُمِّ ايمن رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا تمام گهڻي خدمت جي سَعَادت حاصِل ڪئي، ان ڪري حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائيندا هئا: اُمِّ اَيمن منهنجي ٻيءِ ماءُ آهي. (اصابہ،جلد:8، صفحہ:359)

حضرت اُمِّ ايمَن رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: هڪ ڀيري سخت گرمي جا ڏينهن هئا، رمضان المبارڪ جو مهينو هو ۽ منجهند جو وَقت هو، مان خاتونِ جَنّت سيده فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جي گهر ويس، دروازو بند هو ۽ اندران جَنڊ هلڻ جو آواز اچي رهيو هو.

اڳوڻي دَور ۾ اَن پيهي اَٽو بنائڻ جي لاءِ پٿر جو جنڊ استعمال ڪيو ويندو هو ۽ ان کي هٿ سان هلايو ويندو هو، جنڊ هلڻ جي آواز جو مطلب اهو هو تہ سيده فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا گهر ۾ مَوجُود آهن ۽ جنڊ تي اَن پيهي رهيون آهن پر مُعَاملو ان جي برخلاف هو، جيئن دروازي جي سوراخ مان حضرت اُمِّ اَيمن رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جي نگاهہ اندر پئي تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويون تہ جنڊ پاڻهي هلي رهيو آهي، ۽ ان ۾ اَن پيسجي رهيو آهي، پرسان ئي حسنينِ ڪريمين (امامِ حسن و امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهما) پينگهي ۾ آرام فرمائي رهيا آهن ۽ انهن جو پينگهو بہ هلي رهيو

آهي ۽ سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جنڊ جي ويجهو ئي زمين تي آرام فرمائي رهيون (يعني ستل آهن) آهن. حضرت اُمِّ اَيمن رَضِیَ اللہُ عَنْہَا فرمائڻ ٿيون: اهو معاملو ڏسي مون کي ڏاڍي حيراني ٿي تہ: جنڊ خود پاڻهي ڪيئن هلي رهيو رهي آهي؟ حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللہُ عَنْہُما جو پينگهو ازخود ڪيئن هلي رهيو آهي؟ مان پنهنجي هن حيرت جو حل معلوم ڪرڻ جي لاءِ غيبن تي خبردار نبي، مڪي مَدَني صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضِر ٿيس ۽ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! سيده تہ آرام فرما آهن پر جنڊ بہ پاڻهي هلي رهيو آهي، پينگهو بہ هلي رهيو آهي؟ آخر اهو مُعَاملو ڇا آهي؟ پياري آقا، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اي اُمِّ اَيمن! سخت گرمي آهي، رمضان آهي، فاطمہ (رَضِیَ اللہُ عَنْہَا) روزو رکيو آهي، الله پاڪ فاطمہ تي ننڊ غالب ڪري ڇڏي تہ جيئن ڪجھ دير آرام ڪري وٺن ۽ انهن کي گرمي جي شِدَّت محسوس نہ ٿئي ۽ (الله پاڪ) ملائڪن کي موڪليو آهي جيڪي جنڊ ۽ پينگهو هلائي رهيا آهن. (سفينہ نوح، حصہ: دوم، صفحہ:35)

وہ خاتونِ جنّت معصوم حُوریں باندیاں جن کی
ملکِ جنّت سے آکر پیستے تھے چکیاں جن کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** غور فرمايو! سخت گرمي ۽ گرمي بہ عرب شريف جي، رمضان جو مهينو ۽ سيده فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہَا روزو رکيو آهي. خبر پئي تہ رمضان المبارڪ چاهي گرمي ۾ اچي، چاهي سَردِي ۾ اچي، ان جا روزا فرض آهن ۽ رکڻا ئي رکڻا آهن. صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۽ اسان جي مزاج ۾ هڪ وڏو فرق اهو بہ آهي تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان نيڪي، جنَّت، ثوابِ آخرت ۽ رِضاءِ الٰهي جا حريص هئا پر جيئن جيئن مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري حيات جي زماني کان دُوري ٿيندي پئي وڃي، اسان سهولت پسند ٿيندا پيا وڃون، گرمي جا روزا بہ توڙي جو رکڻ وارا رکن ٿا پر عام طور اها ئي

خواهش هوندي آهي تہ ڪاش! رمضان المبارڪ سردين ۾ اچي ها تہ آساني رهي ها. صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو مزاج ان جي ابتڙ هو، اهي گرمي جي روزن کي گهڻو پسند ڪندا هئا، مولاءِ ڪائنات، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡه فرمائن ٿا: مون کي 3 شيون گهڻيون پسند آهن، انهن مان هڪ آهي: صِيامُ الصَّيف يعني گرمين ۾ روزا رکڻ. (الرِّيَاضُ النَّضرة، الباب الرابع، جلد:1، صفحہ:52)

## گرمي جي روزن جا فائدا

ڏنو وڃي تہ گرمين جي روزن جا گهڻا فائدا آهن مثال طور ❖ روزو رکڻ عِبادت آهي ۽ گرمين ۾ اسان کي گهڻي دير تائين روزي سان رهڻ جي سعادت ملندي آهي، گرمين ۾ عام طور تي 15 کان 16 ڪلاڪن جو روزو ٿيندو آهي پر سردين ۾ عام طور تي 11 يا 12 ڪلاڪن جو روزو ٿيندو آهي، يعني گرمين ۾ اسان ڏينهن رات جو اَڪثر حِصّو روزي سان رهي عِبَادت ۾ گذاريندا آهيون ۽ سردين ۾ ڪم حصو روزي واري عِبَادت ۾ گذري ٿو ❖ روزيدار جا عضوا تسبيح ڪن ٿا، تنهنڪري گرمين جي روزي ۾ اسان جا عضوا گهڻي دير تائين تسبيح ڪندا ❖ روزيدار جي لاءِ دريا جون مَڇيون بخشش جي دُعا ڪنديون آهن، لهٰذا گرمين جي روزن ۾ گهڻي دير تائين بخشش جي دُعا ملندي رهي ٿي ❖ صبر ڪرڻ واري کي الله پاڪ جي مَعِيت (يعني مدد ۽ نُصرت) نصيب ٿيندي آهي، قرآنِ مجيد ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۵۳﴾ (پارہ:2،البقرۃ:153) | ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ الله صبر وارن سان گڏ آهي. |

گرمين جي روزن ۾ اسان گهڻي دير تائين عملي طور تي صبر جو مُظَاهرو ڪري رهيا هوندا آهيون ۽ ٻانهو جيستائين صبر ڪندو رهي ٿو، آيت سڳوري جي مُطَابِق ان وَقت تائين ٻانهي کي الله پاڪ جي مَعِيت (يعني مدد ونصرت) نصيب رهي ٿي، لهٰذا گرمين جي روزن ۾ زياده دير تائين الله پاڪ جي مَعِيت

(يعني مدد ونصرت) نصيب ٿيندي ❖ گرمين جي روزن جو هڪ فائدو اهو آهي تہ گرمي ۾ بُک اُڃ جو احساس وڌيڪ ٿيندو آهي، جڏهن بُک اُڃ جو احساس گهڻو ٿيندو، تڏهن تہ غريبن جي غربت ۽ بک جو اِحسَاس ٿي سگهندو، بُک اُڃ جو احساس گهڻو ٿيندو تہ جسم جي زڪوٰة وڌيڪ نڪرندي، بُک اُڃ جو احساس گهڻو ٿيندو تڏهن ئي سرڪش نفس قابُو ۾ ايندو ۽ نَفس جيترو قابُو ۾ رهندو، عقل اُوترو ئي بيدار ٿيندو، دِل ۾ اوتري ئي نورانيت وڌندي، ۽ اوتري دِل جي ڪاراڻ متجندي، جيتري دِل ۾ نورانيت وڌندي، اوترو الله پاڪ ڏانهن رجوع گهڻو ٿيندو، عبادات جي رغبت وڌيڪ ملندي، گُناهن کان نفرت، تقويٰ، پرهيزگاري اوتري ئي وڌيڪ نصيب ٿيندي. حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هڪ ڀيري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: موليٰ! مان تنهنجو قُرب ڪيئن حاصِل ڪيان؟ غيب مان آواز آيو: اُتْرُکْ نَفْسَکَ فَتَعَالِ پنهنجي نفس کي ڇڏي ڏي ۽ هليو اچ!

اي عاشقانِ رمضان! خبر پئي تہ انسان جيترو وڌيڪ نَفس کي دٻائي، اوترو وڌيڪ قربِ الٰهي نصيب ٿيندو آهي ۽ گرمين جي روزن ۾ جيئن تہ زياده دير تائين نَفْس کي دٻائڻ، ڪائڻ، پيئڻ جي خواهشن کان رڪڻ ٿيندو آهي، ان ڪري الله پاڪ جي رحمت مان اُمّيد آهي تہ گرمين جا روزا رکي الله پاڪ جو وڌيڪ قرب نصيب ٿيندو.

لهٰذا گرمين جا روزا بہ شوق سان رکيا وڃن، فائدن تي نگاهہ رکنداسين تہ اِنْ شَآءَ الله الْڪريم! مشقت برداشت ڪرڻ آسان ٿي ويندي، ان سان گڏوگڏ شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادِري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ جو رسالو ”گرمي کان حفاظت جا مدني گل“ پڙهي وٺو! ان ۾ گرمي جا روزا آساني سان رکڻ جا طريقا، روحاني وظيفا لکيل آهن. اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! آسانيون ٿينديون. الله پاڪ اسان سڀني کي خوب خوب روزا رکڻ، خوب عِبادتن، رياضتن سان رمضان گذارڻ ۽ ان جون برڪتون ماڻڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

پئے حسین و حسن، فاطمہ، علی حیدر | ہمارے بگڑے ہوئے کام دے بنا یاربّ!
ہماری بگڑی ہوئی عادتیں نکل جائیں | ملے گناہوں کے امراض سے شفا یاربّ!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جو مختصر تعارف

**اي عاشقان رسول ! بيان ڪيل حِڪايت تي غور ڪريو! مَاشَآءَ اللّٰہ! شهزاديءِ مصطفيٰ، سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جو شان ڪيترو بلند آهي جو ملائڪ سندن خدمت جي لاءِ حاضِر ٿيندا هئا.**

وہ خاتونِ جنّت معصوم حُوریں باندیاں جن کی
ملک جنّت سے آکر پیستے تھے چکیاں جن کی

**سيدهءِ ڪائنات، سيدهءِ فاطمہ** رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا **اسان جي آقا ومولىٰ مُحَمَّد مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي سڀ کان ننڍي ۽ پياري شهزادي آهي، هڪ قول جي مُطابِق پاڻ** رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا **اِعْلانِ نبوت جي پهرين سال جڏهن نبي اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي عُمْر مُبَارَڪ 41 سال هئي، مڪّهءِ مُڪَرَّمَہ ۾ پيدا ٿيون ۽ هڪ قول جي مُطابِق سندن وِلادتِ باسعادت اِعلانِ نبوت کان 5 سال پهريان ٿي.** (شَرْح الزَّرْقَانی، الفصل الثانی، جلد:4، صفحہ:331) **پاڻ** رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا **جو مبارڪ نالو "فاطمہ" اللّٰہ پاڪ رکيو. جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ منهنجي نياڻي جو نالو اللّٰہ پاڪ فاطمہ رکيو، ڇوتہ ان کي اللّٰہ پاڪ جهنّم کان پري ڪيو آهي.** (سَبُلُ الْہُدی، ابواب:فضائل آل رسول، الباب التاسع، جلد:11، صفحہ:52) **۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي: ان جو نالو فاطمہ رکيو ويو ڇوتہ اللّٰہ پاڪ ان کي ۽ ان سان عقيدت رکڻ وارن کي دوزخ کان آزاد ڪيو آهي.** (کَنْزُ الْعُمَّال، کتاب:الفضائل، جزء:12، صفحہ:50، حدیث:34222)

جو جانا خُلد میں ہو پائے زہرہ سے لپٹ جاؤ
جسے کہتے ہیں جنت مُلک ہے خاتونِ جنت کا

(ديوان سالک، صفحہ:33)

"بتول" ۽ "زهراء" سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جا مشهور لقب آهن، مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جيئن تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا دُنيا ۾ رهندي بہ دُنيا کان جدا هيون، ان ڪري "بتول" لقب ٿيو. (مرآةالمناجيح،452/8، ملتقطاً) هڪ ٻي هنڌ تي مفتي صاحِب رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جَنّت جي مُکڙي هيون ايستائين جو پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جي ڪڏهن اهڙي ڪيفيت نہ ٿي جيڪا ٻين عورتن کي ٿيندي آهي (يعني ماهواري واري ڪيفيت ڪانہ ٿيندي هئي) ۽ سندن جي جسم مان جنّت جي خوشبو ايندي هئي جنهن کي حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سُونگهندا هئا، ان ڪري سندن لقب "زهراء" ٿيو يعني جَنّت جي مُکڙي. (مرآةالمناجيح، 453/8، بتغير قليل)

بتول و فاطمہ زہراء لقب اس واسطے پایہ
کہ دُنیا میں رہیں اور دیں پتہ جنت کی نگہت کا

(ديوانِ سالک،صفحہ:33)

سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جون فضيلتون آسمان جي تارن جيان بي شُمار آهن. بخاري شريف ۾ آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي سردار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھِیَ بَضۡعَۃٌ مِنِّی یُرِیۡبُنِی مَا أَرَابَهَا وَیُؤۡذِیۡنِی مَا آذَاهَا فاطمہ منهنجي جسم جو ٽڪرو آهي، جيڪا ڳالھ هن کي بُري لڳي مون کي بہ بُري لڳندي آهي ۽ جيڪا شيءِ هن کي تڪليف ڏي مون کي بہ تڪليف ڏيندي آهي. (بخاری، کتاب:النکاح، صفحہ:1344، حديث:5230)

2 سِنِ هجري تي حضرت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جو نِڪاح مولا علي شير خُدا ڪَرَّمَ اللہ وَجۡهه الڪَرِيم سان ٿيو ۽ انهيءَ سال ذوالحجة الحرام ۾ رخصتي ٿي. پاڻ

رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کي ٽن پٽن ۽ 3 نياڻين جي اولاد هئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي پٽن جا نالا هي آهن: حَسَن، حُسَين، ۽ محسن رَضِیَ اللہُ عَنْہُم. ۽ نياڻين جا مُبَارَڪ نالا هي آهن: زينب، اُمِّ ڪلثوم، رُقيہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُنَّ. (الاکمال فی اسماء الرجال، 718، فاطمۃ الکبری، صفحہ:87)

سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو وِصَالِ ظاهري سرڪارِ عالي وقار، مالڪ و مختار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وصالِ ظاهري کان 6 مهينا بعد 3 رمضان المبارڪ 11 هجري تي ٿيو. سندن مزارِ پاڪ جَنَّتُ البقيع ۾ آهي. (شرح الزرقانی، الفصل الثانی، جلد:4، صفحہ:336) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

نبی کی لاڈلی، بیوی ولی کی، ماں شہیدوں کی
یہاں جلوہ نبوت کا، ولایت کا، شہادت کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جا ٻہ اعليٰ وصف

اي عاشقانِ رسول ! هونئن تہ سيده خاتونِ جنّت، حضرت فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي اوصافن ۽ فضائلن کي ڳڻپ ۽ شُمار ۾ نٿو آڻي سگهجي، عالم سڀني سندن وصفن ۽ فضليتن تي ڪتابن جا ڪتاب لکيا آهن، ايتريون فضيلتون، ڪمال ۽ وصف آهن جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. البت اچو! اسان پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جا 2 اعليٰ وصف ٻُڌي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، هنن ٻن وصفن مان پهريون وصف آهي: سيده پاڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو فَقر ۽ ٻيو آهي: پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو خير خواهي وارو جذبو.

سيده ڪائنات رَضِیَ اللہُ عَنْہَا فَقر ۾ بہ ڪمال جي حيثيت رکنديون هيون ۽ خيرخواهي ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هيون.

## فقر ڇا کي چئبو آهي

اسان وٽ عام محاوري ۾ لفظِ "فقر" مان غربت ۽ مفلسي مراد ورتا آهن، حضرت فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا معاذ الله! هن معني ۾ فقير نه هيون، الله پاڪ بي ادبي کان محفوظ فرمائي! هن لحاظ سان ته سيده پاڪ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا کان وڌيڪ امير ڪو ٿي ئي نٿو سگهي، پاڻ مالِڪ جنّت، صاحِبِ ڪوثر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون شهزاديون آهن، جنَّت جون ملڪ آهن ۽ ڪو مڃي نه مڃي حق اهو ئي آهي ته اڄ به زمانو پنجتن پاڪ (يعني (1): اسان جي آقا ومولىٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ(2): سندن شهزادي سيده خاتونِ جنّت(3): ان جا گهروارا(مڙس) مولىٰ علي مشڪل ڪشا ۽ ان جا شهزادا (4-5):امامِ حسن ۽ امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمۡ) ئي جو صدقو کائي رهيو آهي، ۽ سندن دَر تان دُنيا پلجي رهي آهي.

ہیں کائناتِ حُسن کے انوار پانچ تَن  خالق کا بےمثال ہیں شاہکار پانچ تَن
اُن ہی کے دَم سے رونقِ کونین ہے تمام  کونین کے ہیں مالک و مختار پانچ تَن

اَصل ۾ "فَقر" صُوفي سڳورن جي هڪ اِصطلاح آهي، هن جي معني آهي: مَاسِوَ الله (يعني الله پاڪ کان عِلاوه هر شيء) کان بي نياز ٿي وڃڻ. حضرت ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن کي دُنيا جي تمام دولت مِلي وڃي ۽ هو ان کي هڪ ئي ڏينهن ۾ صدقو ۽ خيرات ڪري ڇڏي، پوءِ ان جي دِل ۾ اهو خيال اچي وڃي ته ڪاش! ڪجھ روپيا پنهنجي لاءِ رکي ڇڏيان ها ته اهڙو شخص "فَقر" ۾ سچو نه آهي.

حضرت ابوعلي دَقَّاق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خِدمت ۾ هڪ حقيقي فقير آيو، تنهن کي اُنَ وارو لباس پاتل هو، حضرت ابوعلي دَقَّاق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هڪ شاگرد خوش طبعي ڪندي ان فقير کي چيو: اهو اُنَ وارو لباس ڪيتري جو خريد ڪيو اٿئي؟ هاڻي ٻڌو! اَصل فَقر ڇا ٿيندو آهي، ان فقير چيو: اهو اُن جو لباس مون دُنيا جي بدلي ۾ خريد ڪيو آهي ۽ مون کي چيو ويو ته آخرت جي بدلي ۾

وڪڙي چڏيو تہ مون ان کي فروخت نہ ڪيو.

مطلب اهو تہ مون اهو اُوني لباس رِضاءِ الٰهي جي لاءِ پاتو آهي، هاڻي هن جي بدلي دُنيا تہ ڇا جنّت بہ ملي تہ بہ راضِي نہ ٿيندس ڇوتہ مون کي جنّت بنائڻ وارو اللّٰه پاڪ گهرجي. (رسالہ قشيريہ، صفحہ:480)

اهو آهي اَصل فَقر، اِهُو فَقر جڏهن بانهي کي نصيب ٿي وڃي تہ "خيرخواهيءِ مسلم" جو جذبو بہ خود بخود دِل ۾ پيدا ٿي ويندو آهي. سيده ڪائنات حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا انهيءَ معنٰي جي لحاظ سان "فَقْر" ۾ ڪمال حيثيت رکڻ واريون خاتون هيون.

سلطان الفقر حضرت شيخ سلطان باهو رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: فَقر جي انتهائي درجي تي پهچي انسان "فَنَا فِي الله" ٿي ويندو آهي، پوءِ حالت اها هوندي آهي جو "لَايَحْتَاجُ اِلٰی رَبِّہٖ وَلَا اِلٰی غَیْرِہٖ" يعني پوءِ بانهو نہ پنهنجي رَبّ کان پنهنجي لاءِ ڪجهہ گهرندو آهي نہ ان کان عِلاوه ڪنهن کان ڪا حاجت رکندو آهي بلڪ اللّٰه پاڪ جنهن حال ۾ رکي انهيءَ ۾ خوش رهندو آهي. شيخ سلطان باهو رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وڌيڪ فرمائن ٿا: جيڪي ماڻهو فقر جي هن اعليٰ رُتبي تي پهتا آهن انهن ۾ هڪ وڏو نالو خاتونِ جنّت حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا جو آهي. (رسالہ روحی شريف، صفحہ:9-12)

نبی کے دِل کی راحت اور علی کے گھر کی زینت ہیں
بیاں کس سے ہو ان کی پاک طینت، پاک طلعت کا

## حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا جي خير خواهي جو جذبو

امامِ حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ سيده خاتون جنّت رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا جا وڏا شهزادا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: مان پنهنجي والِدهءِ محترمہ کي اڪثر ڏسندو هيس تہ، رات جو مسجدِ بيت جي محراب (يعني گهر ۾ نماز پڙهڻ جي مخصوص هنڌ) ۾ نماز پڙهنديون رهنديون هيون ايستائين جو فجر نماز جو وَقت ٿي ويندو هو. (مدارج النبوة، قسم پنجم، ذکر اولاد کرام،سيده فاطمہ الزہرا ،461/2)

وہ شب بیدار، وہ صرفِ رکوع و سجدہ پیہم
وہ جن کی ذات پہ نازاں حضور رحمتِ عالم

وضاحت: حضرت فاطمہ رضی اللہ عنہا سڄي سڄي رات عِبَادت ڪرڻ واريون، لڳاتار سجدو ۽ رڪوع ۾ مصروف رهڻ واريون آهن، رحمتِ عالم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي سندن تي ناز آهي.

امامِ حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ وڏيڪ فرمائن ٿا: والِدهءِ محترمہ رضی اللہ عنہا مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ گهڻيون دُعائون گهرنديون هيون پر پنهنجي لاءِ ڪجهه نہ گهرنديون هيون. مون عرض ڪيو: امڙ سائڻ! ڇا سبب آهي جو اوهان پنهنجي لاءِ ڪا دُعا نٿيون گهرو؟ فرمايائون: پٽ! اَلْجَوَارُ ثُمَّ الدَّار پهريان پاڙو پوءِ گهر. (مدارج النبوة، قسم پنجم، ذكر اولاد كرام،سيده فاطمہ الزہرا ،461/2)

سُبْحٰنَ اللهُ! اي عاشقانِ رسول! هن حِڪايت مان 2 مدني گل معلوم ٿيا:

(1): پهريون مدني گل اهو تہ هن حڪايت جي روشني ۾ حضرت بيبي خاتونِ جنّت رضی اللہ عنہا جي فقر جو عالَم ڏسو! ❖ حضرت خاتونِ جَنّت رضی اللہ عنہا جو گهر مُبَارَڪ ظاهري نظر ۾ نهايت سادو نظر ايندو هو، ❖ سندن ڪپڙن تي چتيون لڳل هونديون هيون، ❖ جنّت جي ملڪ هئڻ باوجود پاڻ رضی اللہ عنہا جنڊ هلائينديون هيون، ❖ گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪنديون هيون، ❖ ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين گهر ۾ بک هوندي هئي، ❖ ڪيئي ڪيئي ڏينهن بکايل رهڻ جي باوجود پاڻ رضی اللہ عنہا سڄي رات عِبَادت ڪنديون هيون، سموريون نمازون پڙهنديون هيون پر پنهنجي لاءِ ڪجهه نہ گهرنديون هيون، اها دُعا نہ ڪنديون هيون تہ موليٰ! گهر جا فاقا ختم ڪر، اونچا اونچا محل نہ گهرنديون هيون، نوان نوان ۽ فيشن وارا ڪپڙا نہ گهرنديون هيون، جڏهن تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سندن مقبوليت جو عالم اهو آهي جو جيڪڏهن رڳو هو دِل ۾ تمنا ڪن تہ الله پاڪ سندن آرزو ڪان وڌيڪ عطا فرمائيندو آهي پر هو گهرنديون نہ هيون... ڇو؟ ان ڪري جو سندن مزاج هو تہ "الله پاڪ جنهن حال ۾ رکي، انهيءَ حال ۾

خوش رهنديون آهن.“

هيءُ آهي اهو رُتبو، جنهن کي حقيقت ۾ فقر چيو ويندو آهي.

(2) **پوءِ انهيءِ حڪايت ۾ هڪ ٻيو مَدَني گل ٻه آهي،** ڏسو! سيده فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي لاءِ ڪجهه نه گهرنديون هيون پر ان جو اهو مطلب ناهي ته الله پاڪ کان گهرنديون نه هيون، نه نه ائين نه آهي، دُعا گهرڻ ته عِبَادت آهي، دُعا ضرور گهرنديون هيون پر پنهنجي لاءِ نه، مسلمانن جي لاءِ، پنهنجي بابا جان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏُکايل اُمّت جي لاءِ دُعائون گهرنديون هيون. سُبْحٰنَ الله!

وہ ہمارے نبی، اُن کے ہم اُمّتی　اُمّتی تیری قسمت پہ لاکھوں سلام
تیرے حق میں دُعا، کرتی ہیں فاطمہ　اُمّتی تیری قسمت پہ لاکھوں سلام

ڪڏهن ڪڏهن غريب ماڻهو حَسَرت وچان چوندا آهن: ڪاش! الله پاڪ اسان کي به مال عطا فرمائي ها ته اسان به ٻين جي مدد ڪيون ها، نيڪيون ڪمايون ها. اهڙن جي لاءِ هن حڪايت ۾ ڪافِي دَرس آهي. الله پاڪ جو اهو ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳﴾ (پاره1،سورةالبقرة:3) | ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) خرچ ڪن ٿا. |

هن ۾ لفظ ”رِزق (روزي)“ استعمال ٿيو، عالم سڳورن هن لفظ کي عام رکيو آهي، يعني رِزق صِرف مال کي ناهي چئبو، بلڪ الله پاڪ جي ڏنل هر نعمت ئي رِزق آهي ۽ الله پاڪ جي ڏنل هر نعمت کي راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ صدقو آهي. (تفسير نعيمی، پاره:1، البقرة،تحت الآية:3، جلد:1، صفحہ:137) مثال طور ❖ الله پاڪ هٿ عطا ڪيا، ❖ هٿن سان راهه تان تڪليف ڏِهِ شيءِ هٽائڻ صدقو آهي، ❖ الله پاڪ پير عطا ڪيا آهن، ❖ انهن جي ذريعي هلي مسلمان ڀاءُ جي مدد جي لاءِ وڃڻ صدقو آهي، ❖ الله پاڪ چَپ ڏنا آهن، موقعي مناسبت سان مسلمان ڀاءُ

ڪي ڏسي مرڪڻ صدقو آهي، ❖ الله پاڪ عِلْم عطا فرمايو آهي، ٻين ڪي عِلْم سيکارڻ صدقو آهي، ❖ الله پاڪ هنر عطا ڪيو، ٻين ڪي هنر سيکارڻ صدقو آهي، جيڪا نعمت الله پاڪ اسان کي عطا فرمائي آهي، ان نعمت کي الله پاڪ جي راهه ۾، مسلمانن جي ڀلائي جي لاءِ خرچ ڪرڻ صدقو آهي.

۽ هڪ تمام اهم ۽ خاص طور تي جيڪا شيءِ سيده فاطمه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جي ڪردار مُبَارَڪ مان ملي اها هي ته اسان ٻيو ڪجهه نٿا ڪري سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ مسلمان ڀائرن جي لاءِ دُعا ته ڪري سگهون ٿا، اها به خير خواهي آهي ۽ ان جو به اِنْ شَآءَ الله! ثواب ملندو. اسان عام طور دُعا گهرڻ ۾ سُستي ڪندا آهيون، جڏهن ته دُعا گهرڻ تي ڪو پيسو خرچ ناهي ٿيندو، ان جي باوُجود اسان ٻين جي لاءِ ته ڇا دُعا گهرنداسين، پنهنجي لاءِ به دُعا تمام گهٽ گهرندا آهيون، جيڪڏهن اسان پنهنجي لاءِ به دُعا گهرون ۽ گڏوگڏ ٻين کي به پنهنجي دُعائن ۾ ياد رکون ته ان جو ايترو ثواب ملندو جو اسان جي اندازي ۽ گمان ۾ به نٿو اچي سگهي. اسان جي آقا ومولىٰ، مُحَمَّد مصطفىٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو مسلمان مردن ۽ عَورَتن جي لاءِ دُعاءِ مغفرت ڪري، الله پاڪ ان کي هر مسلمان مرد ۽ عَورَت جي عِوَض هڪ نيڪي عطا فرمائيندو. (جامع صغير، صفحه:513، حديث:8419)

**اي عاشقانِ رسول!** اندازو ڪريو! حضرت آدم عَلَیۡہِ السَّلَام کان وٺي هاڻي تائين اربين، کربين مسلمان دُنيا ۾ اچي چڪا آهن، صِرف ايتري دُعا گهرڻي آهي: ”اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِيْ وَ لِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَ مُؤْمِنَةٍ (يالله پاڪ! منهنجي ۽ تمام مسلمان مردن ۽ عَورَتن جي بخشش فرما) هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ الله! اربين کربين نيڪيون هٿ اينديون.

الله پاڪ اسان سيني کي ڪثرت سان دُعائون گهرڻ جي توفيق عطا فرمائي، رمضان ته هونئن به اَلْحَمْدُ لِله! دُعائون گهرڻ جو مهينو آهي، رمضان ۾

افطار جي وقت دُعائون قبول ٿينديون آهن، سحري جي وَقت دُعائون قبول ٿينديون آهن، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان خوب ڪثرت سان دُعائون گهرون. الله پاڪ توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

اڇو! سيده فاطمة الزهراء رضی اللہ عنہا جي فَقر، سخاوت ۽ خير خواهي جي هڪ ٻي حِڪايت ٻڌون ٿا: تفسير خزائِنُ العرفان ۾ آهي: هڪ ڀيري حسنين ڪريمين رضی اللہ عنہما بيمار ٿي پيا تہ حضرت علي المرتضيٰ، حضرت فاطمة الزهراء ۽ سندن هڪ ڪنيز حضرت فِضَّہ رضی اللہ عنہم ٿنهي باس باسي تہ الله پاڪ حسنينِ ڪريمين رضی اللہ عنہما کي شِفَا عطا فرمائي تہ اسان ٽئي 3، 3 روزا رکنداسين، الله پاڪ حسنينِ ڪريمين رضی اللہ عنہما کي شفا عطا فرمائي، هاڻي حضرت علي المرتضيٰ، حضرت فاطمة الزهراء ۽ سندن ڪنيز حضرت فضہ رضی اللہ عنہا باس پوري ڪرڻ جي لاءِ روزو رکيو، حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ ڪجھ جَوء ڪٽي آيو تہ جيئن ماني پچائي افطاري ڪري سگهجي، حضرت فاطمة الزهراء رضی اللہ عنہا پهرين ڏينهن ماني پچائي، ڪاڌو رکيو ويو سڄ لهڻ جو انتظار ٿيڻ لڳو، ايتري ۾ دروازي تي هڪ مسڪين صدا لڳائي: اي سيد سڳورا! مان مسڪين آهيان، بکايل آهيان. انهن عظيم هستين اتي مَوجُود مانيون ڪٽي مسڪين کي ڏئي ڇڏيون ۽ پاڻي ئي سان روزو کوليو، ٻي ڏينهن ٻيو روزو رکيو ويو، شام ٿي، ماني تيار ڪئي وئي، دسترخوان لڳو، سڄ لهڻ جو انتظار ٿي رهيو هو جو دروازي تي ڪنهن آواز ڏنو: مان يتيم آهيان ۽ بکايل آهيان. انهن سخاوت جي پيڪرن اڄ بہ سيئي مانيون يتيم کي ڏئي ڇڏيون ۽ پاڻ پاڻي ئي سان روزو افطار ڪيائون، ٽيون روزو رکيو ويو، شام ٿي، دسترخوان لڳو، سڄ لهڻ جو انتظار ٿي رهيو هو جو وري در تي آواز آيو: مان قيدي آهيان، بکايل آهيان. ٽئين ڏينهن بہ انهن مُبَارَڪ هستين سموريون مانيون ان سوالي کي ڏئي ڇڏيون ۽ پاڻ پاڻي ئي سان روزو افطار ڪري ورتو. (خزائن العرفان، پاره29، الدهر، تحت

الآية:8-9، صفحه:1073)

**سُبْحٰنَ الله**! آلِ رسول 3 روزا رکيا ۽ ٽئي روزا پاڻي سان افطار ڪيا، الله پاڪ کي سندن اها ادا پسند آئي ۽ الله پاڪ سيپاري 29، سُورَه دَهر جي آيت: 8 ۽ 9 نازِل فرمائي، اِرشاد ٿئي ٿو:

وَ يُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِیْنًا وَّ یَتِیْمًا وَّ اَسِیْرًا ﴿۸﴾ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِیْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوْرًا ﴿۹﴾

(پاره29،سورةالدهر:8-9)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ کاڌو کارائن ٿا ان جي محبت تي مسڪين ۽ يتيم ۽ قيدي کي. انهن کي چون ٿا ته اسان توهان کي فقط الله جي رضا جي واسطي کاڌو کارايون ٿا توهان کان ڪو بدلو يا شڪر گذاري نٿا گهرون.

بھوکے رہتے تھے خود، اَوروں کو کھلا دیتے تھے
کیسے صابر تھے محمد کے گھرانے والے

**اي عاشقانِ رسول**! رمضان ڪيئن گذارڻ گهرجي؟ اهو سُوال شايد هر سال ئي رمضان جو چنڊ ڏسي اسان جي ذهن ۾ اچي ٿو، سيده ڪائنات رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي مُبَارَڪ گهر جي هن سبق آموز حڪايت انهيءَ سوال جو ڪيترو نه پيارو جواب ڏنو آهي ته رمضان صبر جو مهينو آهي ته صبر ڪري ئي گذاريو وڃي، رمضان المبارڪ ماهِ مؤاسات (يعني همدردي ۽ ڀلائي جو مهينو) آهي ته همدردي ۽ ڀلائي ڪندي ئي گذاريو وڃي. جيڪڏهن اسان غريبن، بيڪسن يتيمن، مسڪينن جي خيرخواهي جي جذبي تحت سحر وافطار جا ڪجھ طعام گهٽ ڪيون، سحر وافطار جو دسترخوان سُنَّت جي پيروي جي نيت سان سادو رکون ۽ اهي غريب جيڪي ويچارا مهانگائي سبب کجور به خريدڻ جي استطاعت نٿا رکن، رمضان

المبارڪ سنئي طرح سان نڀائي گذاري سگهن، انهن جي اسان مدد ڪريون، انهن جي خير خواهي ڪيون تہ ڪيتريون نيڪيون ۽ اهي بہ رمضان ۾ ڪمائڻ جي سعادت اسان حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ سيده فاطمة الزهراء رضی اللہ عنہا جي صدقي اسان کي فقر اختيار ڪرڻ، مسلمانن جي خير خواهي ڪندي، گُناهن کان بچندي سڄو رمضان نيڪين ۾ گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم

مانندِ شمع تیری طرف لو لگی رہے
دے لُطف میری جان کو سوز و گُداز کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”فيضان گلوبل ريليف فاؤنڊيشن“ جو تعارف

**اي عاشقانِ رسول!** تقوي و پرهيز گاري حاصِل ڪرڻ ۽ مسلمانن جي خيرخواهي جو ذِهن بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي همدردي ۽ خيرخواهي جا بي شُمار موقعا فراهم ڪري ٿي. دعوتِ اسلامي جو هڪ ڊپارٽمنٽ آهي: ”**فيضانِ گلوبل ريليف فاؤنڊيشن** (*FGRF*)“ هن ڊيپارٽمنٽ تحت ❖ اوچتو اينڊڙ آفتن جي موقعي تي، مشڪل حالتن ۾ مسلمانن جي مدد ڪئي ويندي آهي، جيئن ڪرونا جي ڪري لاڪ ڊاؤن جي دوران هن ڊپارٽمنٽ تحت گذريل سال تقريباً 25 **لک ماڻهن ۾ رقم ۽ خوراڪ**، ڪاڌي پيتي جو ضروري سامان ورهايو ويو، جنهن جي مجموعي ماليت تقريباً 70 ڪروڙ روپيا ٿئي ٿي. ❖ اهڙي طرح سڄي ملڪ ۾ جتي جتي حاجت آهي، اتي **کوه ۽ سولر پمپ** وغيره لڳرايا ويندا آهن، هن وقت تائين تقريباً 400 کان وڌيڪ کوه ۽ سولر پمپ لڳايا ويا آهن ❖ **ٿيليسيميا** (*Thalassemia*) ۽ ٻين بيمارين ۾ مبتلا ماڻهن

جي مدد جي لاءِ تقريباً 38 هزار کان وڌيڪ رت جون بوتلون (Blood Bags) ڏنيون ويون آهن.

هن کان عِلاوه بہ ڪوڙ شعبا (Departments) قائِم آهن، جن ۾ جامعة المدينہ (جتي عالِم ۽ عالمه ڪورس ڪرايو ويندو آهي)، مدرسة المدينہ (جتي ٻارن ۽ ٻارڙين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مُفت تعليم ڏني ويندي آهي)، مدرسة المدينہ بالغان، خُدَّامُ المساجد و المدارس (جنهن تحت مسجدن، مدرسن ۽ جامعات وغيره جي لاءِ جڳھون خريد ڪيون ويندي ون آهن)، اهڙي طرح مَدَني چينل وغيره ڪيئي شعبن جي ذريعي دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ قرآن ۽ سنت جو پيغام عام ڪرڻ، گھرگھر ۾ دِين پھچائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. اوهان بہ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو، پنھنجي زڪوٰة، فطرو، عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، عملي طور تي دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ حِصّو ملايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دِين ودُنيا جون بي شُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم اِک اِک گھر میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش، صفحہ:123)

پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ سيده خاتونِ جنت رضي الله عنها جي ايصالِ ثواب جي لاءِ خوب وڌ کان وڌ صدقو ۽ خيرات ڪريو، دعوتِ اسلامي جي مختلف شعبن جي لاءِ بہ جيترو ٿي سگھي حِصو ملايو ۽ گڏوگڏ پنھنجي گھرن ۾ بہ فاتحہ شريف، ختم پاڪ ۽ حسبِ توفيق لنگر جو بہ لازمي اهتمام ڪريو. ❖ سيده فاطمہ رضي الله عنها جي سيرتِ پاڪ پڙهڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ تان جارِي ٿيندڙ ڪتاب "شانِ خاتونِ جنّت" پڙهو، ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ❖ ۽ الحمد لله!

رمضان المبارڪ ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ روزانو 2 مدني مذاڪرا ڪندا آهن (يعني عاشقانِ رسول جي سوالن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن) ، هڪ مدني مذاڪرو عصر کان پوءِ ۽ هڪ نمازِ تراويح کان پوءِ. 3 رمضان المبارڪ تي بہ اِنۡ شَآءَ اللہ الۡڪرِيمر مدني مذاڪري جو سلسلو ٿيندو، هن ۾ بہ لازمي شرڪت ڪريو. الله پاڪ اسان کي عِلم ۽ عمل جي توفيق عطا فرمائي ۽ شهزاديءِ مصطفيٰ، سيده خاتون جنت رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جو فيضان نصيب فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاه نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّة جنهن منهنجي سُنّت کان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشکوٰۃ،ایمان کی کتاب، کتاب وسُنت کو مضبوط تھامنے کا باب، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”اِستِعَاذَه (الله پاڪ جي پناه گهرڻ)“ سُنت آهي

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جيڪو ڏينهن ۾ 10 ڀيرا شيطان مردود کان الله پاڪ جي پناه گهري ٿو، الله پاڪ ان سان گڏ هڪ ملائڪ مقرر ڪندو آهي جيڪو ان ٻانهي کان شيطان کي پري ڪندو آهي. (مُسۡنَدِابویعلیٰ،صفحہ:320، حدیث:4114)

اي عاشقانِ رسول! ”اِستعاذه يعني الله پاڪ جي پناه گهرڻ“ سُنَّتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي. اسان جا آقا و موليٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ شيطان مردود کان عِلاوه ٻين ڪوڙ آفتن کان الله پاڪ جي پناه گهرندا هئا، مثال طور

❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **بُخل** (يعني ڪنجوسي) کان الله پاڪ جي پناهه گهرندا هئا ❖ **جُبن** يعني بزدلي کان الله پاڪ جي پناهه گهرندا هئا، ❖ **ڪَسَل** يعني سُستي کان الله پاڪ جي پناهه گهرندا هئا، ❖ **هرَمَ** يعني لاچار ڪرڻ واري پوڙهائپ کان پناهه گهرندا هئا ❖ اهڙي طرح پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **عذابِ قبر ۽ دجّال جي فتني** کان بہ الله پاڪ جي پناهه گهرندا هئا. (بستان الواعظين، صفحہ:10-11)

**اي عاشقانِ رسول!** اسان جا پيارا آقا، **محمد مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ بيشڪ الله پاڪ جا محبوب آهن، يقيناً رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بخشل بخشايل آهن، فتنا متائڻ وارا آهن، الله پاڪ سندن جي **حِفَاظَت** جو وعدو فرمايو آهي، يقيناً رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مختلف آفتن کان پناهه گهرڻ **اُمَّت** جي تعليم ئي جي لاءِ هو، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ شيطان مردود کان، گُناهن کان ۽ هر شيءِ جي شَر کان الله پاڪ جي پناهه گهرون. جيڪو الله پاڪ جي پناهه گهري ٿو، الله پاڪ ان کي پناهه عطا فرمائي ٿو. اسان چوندا آهيون: **مَعَاذَ الله** هن جي معنيٰ آهي: الله پاڪ جي پناهه. اهڙي طرح "اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيم" پڙهو، يا پنهنجي مادري زبان ۾ ئي چئو: مان شيطان جي شر کان، بخل کان، عذابِ قبر کان، ڪفر کان، گُناهن کان ۽ هر شيءِ جي شر کان الله پاڪ جي پناهه گهران ٿو. الله پاڪ اسان سڀني کي سُنتن تي عمل ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] ...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہٴ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## ﴿1﴾هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[2] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

[3] ... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن [1]

### ﴿2﴾ چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي. [2]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2] ... تاريخ ابنِ عساكر،١٥٥/١٩،حديث:۴۴١۵